3. ٻئي جماعتون هڪ ٻئي لاءِ خير خواهه رهنديون
4. يهودين يا مسلمانن جي ڪنهن سان به جنگ لڳندي ته هڪ جماعت ٻي جماعت جي مدد ڪندي
5. ڪابه جماعت قريش ۽ انهن جي مددگارن کي امان ۽ پناهه نه ڏيندي
6. مديني تي جيڪڏهن ڪو به حملو ڪندو ته ٻئي جماعتون گڏجي انهن جو مقابلو ڪنديون
7. جيڪڏهن هڪ فريق ٻئي فريق سان صلح ڪندو ته ٻيو فريق به انهيءَ صلح ۾ شامل هوندو
8. جيڪڏهن ٻنهي جماعتن ۾ ڪو اختلاف پيدا ٿيندو ته انهيءَ اختلاف يا فساد پيدا ٿيڻ واري صورتحال کي نظر ۾ رکي فيصلي ڪرڻ جو حق الله تعالىٰ جي آخري نبي حضرت محمد رسول الله ﷺ کي هوندو
9. مظلومن جي مدد ڪئي ويندي

پاڻ سڳورن ﷺ جن جي معاهدن، فرمانن ۽ ڏنل دستور حيات متعلق مسٽر فيتل "لائيف آف هولي محمد ﷺ" ۾ لکي ٿو ته:

"محمد (ﷺ) هڪ اهڙو بهترين سياسي قانون دنيا جي سامهون پيش ڪيو جيڪو صدين کان وٺي مختلف قومن ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ ماڻهن جي دلين تي حڪومت ڪندو آيو آهي. سچ ته هي آهي ته اهڙ سندس هڪ معجزاڻو ڪرشمو آهي جنهن وڏن وڏن فاتحن ۽ مذهبي اڳواڻن کي هيٺ ڪري ڏيکاريو" (4)

(ج) خطبه حجة الوداع: سن 10 هجريءَ دوران پاڻ سڳورا ﷺ جن تمام گهڻي جماعت سان گڏ حج جي سفر لاءِ روانا ٿيا حج جا رڪن پورا ڪندي نائين ذوالحج تي سج اڀرڻ بعد عرفات واديءَ وٽ پهتا. انهيءَ ڏينهن عرفات واديءَ جي وچ تي قصوىٰ ڏاچيءَ مٿان سوار ٿي تقريباً سوا لک حاجين جي اجتماع کي هڪ جامع خطبو ڏنائون. اهو خطبو پاڻ سڳورن ﷺ جن جي ٽيويهه سال اعلان نبوت جي دور جي تعليم جو جوهر ۽ نچوڙ هيو يعني انساني حقن ۽ مساوات جو مڪمل منشور هيو، اهڙو منشور جنهنکي چوڏهن سو سال گذرڻ بعد به ڪو ميٽي نه سگهيو ۽ نه ڪو ميٽي سگهندو. هن خطبي مبارڪ جو

(4) عن عبدالله بن عمر ﷺ ان رسول الله ﷺ قال المسلم اخو المسلم لا يظلمه ولا يسلمه ومن كان في حاجة اخيه كان الله في حاجته و من فتح عن المسلم كربة فرج الله عنه كربة من كربات يوم القيامة ومن ستر مسلمًا ستره الله يوم القيامة (14)

ترجمو " حضرت عبدالله من عمر ﷺ کان روايت آهي تہ حضرت رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ مسلمان مسلمان جو ڀاءُ آهي، نہ ان تي ظلم ڪري نہ ان کي ڪنهن ظالم جي حوالي ڪري جيڪو شخص پنهنجي ڀاءُ جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندو تہ الله تعالىٰ ان جي ضرورت پوري ڪندو ۽ جيڪو ڪنهن مسلمان جي ڪا مشڪل ٽاريندو تہ الله تعالىٰ ان جي مشڪل ٽاريندو ۽ جيڪڏهن ڪنهن شخص ڪنهن مسلمان جو عيب ڍڪيو تہ الله تعالىٰ قيامت جي ڏينهن ان جا عيب ڍڪيندو.

(5) عن ابي هريرة ﷺ قال قال رسول الله ﷺ كل المسلم علي المسلم حرامٌ دمه و ماله و عِرضه (15)

ترجمو " حضرت ابو هريره ﷺ کان روايت آهي چيائين تہ فرمايو رسول الله ﷺ هر مسلمان تي ٻئي مسلمان جو خون ڪرڻ، ناجائز طريقي سان مال لٽڻ ۽ عزت سان هٿ چراند ڪرڻ حرام آهي."

(6) عن سعيد بن زيد ﷺ قال قال رسول الله ﷺ من اخذ شبرًا من الارض ظلمًا فانه يطوقه يوم القيامة من سبع ارضين. متفق عليه (16)

ترجمو " حضرت سعيد بن زيد ﷺ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله ﷺ تہ جنهن بہ شخص ظلم سان ڪنهن جي گرانٺ جيتري بہ زمين ڦٻائي تہ قيامت ڏينهن ستن زمينن جي وزن برابر سندس ڳچيءَ ۾ ڳٽ پارايو ويندو."

(7) عن ابي حرة الرقاشي عن عمه ﷺ قال قال رسول الله ﷺ الا لا تظلموا الا لا يحل مال امرئ الا بطيب نفسٍ منه. رواه البيهقي. (17)

ترجمو " حضرت حره بن رقاشيءَ پنهنجي چاچي کان روايت ڪئي آهي چيائين تہ فرمايو حضرت رسول الله ﷺ تہ خبردار! نہ ڪنهنتي ظلم ڪريو خبردار! نہ وري ڪنهن بہ شخص جو اُن جي رضا کان سواءِ مال ملڪيت قبضي ۾ وٺو چوتہ اهو حلال نہ آهي."

(11) بخاري، عبدالله بن اسماعيل ابو عبدالله، مترجم: اختر شاه جهانپوري عبدالحكيم خان: بخاري شريف مترجم و محشي، كتاب الديات، جلد 3، لاهور، اردو بازار فريد بوک اسٽال، 1982، صہ 683

(12) ايضا، بخاري شريف، ڪتاب الفتن، جلد 3، صہ 770

(13) ايضا، بخاري شريف، ڪتاب الفتن، جلد 3، صہ 7?4

(14) ايضا، بخاري شريف، جلد 3، صہ 892

(15) راڄڙ عبدالله: اسلاميات، حيدرآباد، ڪوهنور پبليڪيشن، 1999، صہ 18

(16) نعيمي، احمد يار خان مفتي: مرأة شرح مشكوٰة، جلد 4، گجرات، نعيمي ڪتب خانہ، صہ 312

(17) ايضا، مرأة شرح مشكوٰة، جلد 4، گجرات، نعيمي ڪتب خانہ، صہ 318

(18) بخاري، عبدالله بن اسماعيل ابو عبدالله، مترجم: اختر شاه جهانپوري عبدالحكيم خان: بخاري شريف مترجم و محشي، كتاب الديات، جلد 1، لاهور، اردو بازار فريد بوک اسٽال، 1982، صہ 124

———— الاختتام

خدمت خلق و رفاہ عامہ کی اہمیت

سیرت طیبہ کی روشنی میں

مصنّف

پروفیسر ڈاکٹر صلاح الدین ثانی

زیر طبع: مکتبہ یادگار شیخ الاسلام پاکستان علامہ شبیر احمد عثمانیؒ